روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) سومر 27 فيبروري 2023ع بمطابق 06 شعبان المعظم 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 275

جيل ڀريو تحريڪ عمران خان لاءِ ٻڏي مرو تحريڪ بڻجي چڪي آهي: راڻا ثناءُالله

عمران خان جا سمورا حربا ناڪام ٿي چڪا آهن. اجان به ٻري وارين جيلن ۾ ڪافي گنجائش آهي

ڀريان اهي ڀريندا سين ان ڪان پوءِ ويجهين جيلن ڪي ڀريو ويندو. ٻري جون جيلون ڀرجڻ ڪان پوءِ لاهور ۽ راولپنڊي جون جيلون ڀريندا سين

ڏورانهن علائقن جي جيلن ۾ وڏي گنجائش آهي، پرويزالاهي جي آڊيو ليڪس جي جاچ ٿيڻ گهرجي، آڊيو جي فورينزڪ ٿيڻ تائين اسان الزام لڳائڻ جي حق ۾ نه آهيون

جيل ڀريو تحريڪ ۾ 80 سيڪڙو ماڻهو ضمانت جي لاءِ درخواست ڪري رهيا آهن. جيل ڀريو تحريڪ پي ٽي آءِ ۽ عمران خان جي لاءِ ٻڏي مرو تحريڪ بڻجي چڪي آهي

عمران خان ملڪ جي بهتري ۽ مسئلن جي حل لاءِ ڪو به وقت خرچ نه ڪيو. هو روز فتني ڪان علاوه ملڪ کي تباهي طرف ڌڪڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه ناهي ڪيو

تحريڪ انصاف سربراهه چاهي ٿو ته ملڪ سياسي عدم استحڪام جو شڪار رهي: وفاقي گهرو وزير جي فيصل آباد ۾ پريس ڪانفرنس

فيصل آباد: (م د) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله چيو آهي ته جيل ڀريو تحريڪ پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) ۽ عمران خان جي لاءِ ٻڏي مرو تحريڪ بڻجي چڪي آهي. فيصل آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي راڻا ثناءُالله چيو ته عمران خان جا سمورا حربا ناڪام ٿي چڪا آهن. اجان به ٻري وارين جيلن ۾ ڪافي گنجائش آهي. ڀريان اهي ڀريندا سين ان ڪان پوءِ ويجهين جيلن ڪي ڀريو ويندو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

فيصل آباد: وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

سرڪاري ملازمن جون پگهارون اينڊز حڪم تائين روڪڻ جو حڪم

اسلام آباد (م د) ٽائي واري وزارت اڪائونٽنٽ جنرل پاڪستان روينيو (اي جي پي آر) کي حڪم ڏنو آهي ته اينڊز حڪم تائين وفاقي وزارتن، ڊويزنن ۽ ٻين کاتن جا بل ادا نه ڪيا وڃن. پگهارن جي ادائيگي به روڪي وئي آهي. پگهار جاري ڪرڻ جي سلسلي ۾ آپريشنل خرچن ۾ ڏڪيائيون پيش اچي رهيون آهن جو ته ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پ پ ارن ڊجيٽل آدمشماري تي خدشا ظاهر، قومپرستن به مخالف ڪري ڇڏي

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ جا نمائندا سنڌ جي ماڻهن جي نمائندگي بدران مفادن خاطر ڪنڌ هيٺ ڪري سڀ ڪجهه ڪن: ڊاڪٽر قادر مگسي

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ پهريون پيرو آدمشماري 1951ع ۾ ٿي، جڏهن ته 1981ع ۾ جنرل ضياءَ آدمشماري نه ڪرائي

هي آدمشماري سنڌي قوم کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ هٽ ناٽڪ آهي: ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي قومپرستن، نوازليگ، جي يو آءِ، اديبن ۽ دانشورن ڊجيٽل آدمشماري کي سنڌين خلاف سازش قرار ڏئي ڇڏيو. جڏهن ته پ پ سنڌ جي صدر سينيٽر نثار کهڙو آدمشماري تي تحفظات ظاهر ڪندي چيو ته آدمشماري جي مخالفت نه ڪنداسين، اها ٿيڻ گهرجي سانا پاران ڪالهه هتي آرٽس ڪائونسل ۾ آدمشماري متعلق ڪوٺايل ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ايس ٽي پي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته پاڪستان ٺهڻ ڪان اڳ سنڌين وٽ اقتدار هو ۽ هتي اينڊهر ماڻهو ڪي سنڌي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

هڪ بيورو ڪريٽ ڌيءَ جي شادي تي 72 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ سلامي ڏني هئي: خواجه آصف

گذريل 8 مهينن دوران جيڪو ٿيو اهو تاريخ ۾ ڪڏهن به ناهي ٿيو. هڪ شخص کي 8 مهينن کان عدالت گهرائي رهي آهي

هڪ مهيني ۾ ڇت جو لينٽر به ڪلي ويندو آهي پر 3 مهينن کان عمران خان جو پلستر نه پيو کلي

ايوان صدر ۾ ويٺل شخص آئين جي ڀڃڪڙي ڪري رهيو آهي. اسان کي ته اهڙي رعايت نه ڏني وئي

اسان چاهيون ٿا ته ڪجهه 22 ڪروڙ عوام وسيلن مان فائدو کڻي. اسان لکين روپيه پگهارون وصول ناهيون ڪندا

اسلام آباد: (م د) دفاع واري وزير خواجه آصف دعويٰ ڪئي آهي ته هڪ بيورو ڪريٽ جي ڌيءَ جي شادي تي 72 ڪروڙ روپين کان وڌيڪ جي سلامي ڏني وئي 2 ڏينهن اڳ قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ خيالن جو اظهار ڪندي دفاع واري وزير خواجه آصف انڪشاف ڪيو هو ته پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير چوڌري پرويزالاهي پاڻ ٻڌايو هو ته هڪ بيورو ڪريٽ جي ڌيءَ جي شادي تي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: دفاع وارو وزير خواجه آصف قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

موسميات کاتي پاران اڳاري کان خميس تائين ملڪ جي متاثرين ۾ وارن علائقن ۾ برسات جي اڳڪٿي

اسلام آباد (م د) موسميات کاتي اڳاري کان خميس تائين ملڪ جي متاثرين ۽ وچ وارن علائقن ۾ برسات جي اڳڪٿي ڪئي آهي ۽ ان حوالي سان ايڊوائزري جاري ڪئي وئي آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته اولهه جون هوائون 28 فيبروري تي ملڪ جي اولهه وارن علائقن ۾ داخل ٿينديون. جيڪي پهرين مارچ تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ٻئو نظام نٿو هلي سگهي، آئين اسان ٺاهيو هو ۽ اسان ئي ان کي بچائينداسين: بلاول ڀٽو زرداري

پاڪستان جمهوريت پسندن جو ملڪ آهي پر جڏهن کان آئين ٺهيو آهي، ان تي ڌاڙو هڻڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن

سنڌ اسيمبلي ۾ سڀ کان اڳ پاڪستان جي حق ۾ ٺهراءُ منظور ڪيو ويو ۽ 73ع جو آئين شهيد ڀٽي ڏنو هو، آئين سبب ئي عوام وٽ ووٽ جو حق آهي

پاڪستان جو آئين نه رڳو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي امانت آهي پر رياست ۽ شهرين وچ ۾ هڪ معاهدو آهي، جنهن تحت حقن کي تحفظ فراهم ڪيو ويندو آهي

غير جمهوري قوتن کي وڌيڪ موقعو فراهم ڪرڻ لاءِ هڪ اهڙي شخص کي وزيراعظم بڻايو ويو، جنهن جي پارليامينٽ، جمهوريت، ايتري تائين جو معيشت ۾ به ڪا دلچسپي نه هئي

آئين نٿو ٿي سگهي ته لاڙڪاڻي جي وزيراعظم کي ڦاهي ڏني وڃي ۽ زمان پارڪ جي وزيراعظم جي جنگهه ۾ تڪليف هجي ته عدليا هڪ هفتي تائين انتظار ڪري

جيستائين اسان پاڻ ۾ وڙهندا رهنداسين فائدو ڪو ٻيو کڻندو رهندو، ووٽ جو حق استعمال ڪري ئي عوام هن ملڪ جي حڪمراني جو فيصلو ڪري سگهي ٿو: گولڊن جوبلي جي مناسبت سان تقريب کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پرڏيهي وزير ۽ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پاڪستان جمهوريت پسندن جو ملڪ آهي پر جڏهن کان آئين ٺهيو آهي، ان تي ڌاڙو هڻڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن. 1973ع جي آئين جي گولڊن جوبلي جي مناسبت سان تقريب کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ سڀ کان اڳ پاڪستان جي حق ۾ ٺهراءُ منظور ڪيو ويو ۽ 73ع جو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: پرڏيهي وزير ۽ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

جيل ڀريو تحريڪ دوران صرف 121 ڄڻن گرفتاريون پيش ڪيون: پنجاب پوليس

لاهور مان پي ٽي آءِ جي 80 ڪارڪنن گرفتاري ڏني، راولپنڊي ۾ 141 اڳواڻن ۽ ڪارڪنن گرفتاري پيش ڪئي

ملتان مان ڪا به گرفتاري نه ڏني وئي، تحريڪ انصاف پاران لاهور مان 200 ڪارڪنن جي گرفتاري ڏيڻ جي دعويٰ ڪئي وئي هئي

شيخ رشيد سميت ڪيترن ئي اڳواڻن اعلان باوجود گرفتاري نه ڏني

لاهور (م د) تحريڪ انصاف پاران جيل ڀريو تحريڪ دوران اڄ گوجرانوالا مان گرفتاريون پيش ڪيون وينديون. پنجاب پوليس جو چوڻ آهي ته تحريڪ انصاف پاران جيل ڀريو تحريڪ دوران هيل تائين رڳو 121 ڄڻن گرفتاريون پيش ڪيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

کهڙن ڪيسن ۾ عمران خان جي گرفتاري جو امڪان آهي، تفصيل سامهون اچي ويا

اڳوڻي وزيراعظم عمران خان مٿان اسلام آباد ۽ لاهور جي مختلف عدالتن ۽ اليڪشن ڪميشن ۾ 36 کان وڌيڪ ڪيس هلندڙ هيٺ

پابندي مڙهيل فنڊنگ ڪيس، توشه خانه، فوجداري ڪارروائي ۽ ٽيريان نااهلي ڪيس سڀني کان اهم آهن

اسلام آباد: (م د) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان خلاف ڪيترا ڪيس هلندڙ هيٺ آهن ۽ کهڙن ڪيسن ۾ کيس گرفتار ڪرڻ جو امڪان آهي، ان حوالي سان سمورا تفصيل سامهون اچي ويا آهن. اڳوڻي وزيراعظم عمران خان مٿان اسلام آباد ۽ لاهور جي مختلف عدالتن ۽ اليڪشن ڪميشن ۾ 36 کان وڌيڪ ڪيس هلندڙ هيٺ آهن، جنهن ۾ نااهلي، ضمانت، فوجداري ڪارروائي ۽ توهين عدالت جا ڪيس شامل آهن. جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڀارت طرفان پاڪستان سان ڳالهين جو امڪان

ٻنهي ملڪن طرفان هڪ ٻئي خلاف سخت بيانن جو سلسلو جاري رهندو

ڀارتي ڳجهي ايجنسي جي اڳوڻي سربراهه ڳالهين جو امڪان ظاهر ڪيو

ڪولڪتا (م د) ڀارت طرفان برف ڳرڻ لڳي آهي، ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڪيترن ئي سالن کان لاڳاپا ڇڪتاڻ وارا رهيا آهن. واپار سميت هر قسم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

لاهور: جيل ڀريو تحريڪ ۾ گرفتاري ڏيندڙ پي ٽي آءِ اڳواڻ فتح جو نشان ڏيکاري رهيا آهن

عمران خان جهڙا لاڏلا جلد ختم ٿي ويندا آهن: مريم نواز

هاڻ طاقتور ڪيڻ ڪري پيو آهي: عمران جون دانهون غلط ناهن

توهان فيض ۽ سندس ساٿين جي مدد سان اڳتي وڌندا رهيا آهيو

عمران خان پنهنجي آقائن کي خوش ڪرڻ لاءِ ٻڏي مرو تحريڪ شروع ڪئي آهي

لاهور (م د) عمران پنهنجي گاڊ فادر فيض حميد جي مدد سان سازشن جو بادشاهه هو. هاڻ طاقتور ڪيڻ ڪري پيو آهي: مريم نواز چيو آهي ته عمران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ن ليگ جي مريم نواز (فائيل فوٽو)

ٽرڪول بلاڪ ون ۾ چورين جي وڌندڙ وارداتن تي چيني ڪمپني جو سنڌ حڪومت کي خط

چيني ڪمپني جي چيئرمين مينگ يونگ آءِ چيف سيڪريٽري نالي خط لکيو

ڪجهه ڏينهن اڳ به بجلي سپلاءِ جي ٽرانسميشن لائن کي نقصان پهچايو ويو: چيني ڪمپني چيئرمين

ڪراچي (م د) ٿرڪول بلاڪ ون ۾ چورين جي وڌندڙ وارداتن تي چيني ڪمپني سنڌ حڪومت کي خط لکي ڇڏيو. چيني ڪمپني جي چيئرمين مينگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

تڪراري ڊجيٽل آدمشماري ۽ ٻين ٻرندڙ مسئلن جي حل لاءِ ايس يو پي جو لانگ مارچ ڀان سيد آباد مان ڪراچي روانو

باوجود ڪا به سيڪيورٽي فراهم نه ڪئي وئي آهي، سنڌ جي نئين سر بحاليءَ لاءِ رستن تي آيا آهيون: زين شاهه

سنڌ جا ماڻهو پيدل مارچ ۾ وڏ کان وڏ شرڪت ڪن، سنڌ ۾ مهانگائي غريبن کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي

ڀان سيد آباد (رپورٽر) تڪراري ڊجيٽل آدمشماري ۽ ٻين ٻرندڙ مسئلن جي حل لاءِ ايس يو پي جو لانگ مارچ ڀان سيد آباد مان ڪراچي روانو ٿي ويو سيد زين شاهه جي اڳواڻي ۾ جاري پيدل مارچ رات ڀان سيد آباد ۾ ترسيو. سيد زين شاهه چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ٽن ادارن کان به وڌيڪ هڪ ٻيو ادارو آهي، جيڪو ڪنهن ۾ به هٿ وجهي سگهي ٿو: جسٽس (ر) رشيد رضوي

پ پ جون ملڪ لاءِ خدمتون آهن، جنهن جو هڪ تحفو 73 جو دستور آهي

پ پ جو ٻيو تحفو ارڙهين ترميم آهي، پ پ کي آئين ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ گهرجي

پ پ کي عدالتي نظام ۾ ترميم ڪرڻ گهرجي، ججن جي معاملي کي به پارليامينٽ کي ڏسڻ گهرجي

ڪراچي (م د) جسٽس رٽائرڊ رشيد اي رضوي چيو آهي ته ٽن ادارن کان به وڌيڪ هڪ ٻيو ادارو آهي. جيڪو جڏهن چاهي ڪنهن ۾ به هٿ وجهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

پنجاب حڪومت پاران پي سي بي کي 25 ڪروڙ رپيا ڏيڻ کان صاف انڪار

لاهور (م د) پنجاب جي نگران حڪومت پاڪستان سپر ليگ 8 جي ميزبانيءَ لاءِ پي سي بي کي 25 ڪروڙ رپيا ڏيڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو آهي ايڪسپريس نيوز موجب پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سعودي عرب ۾ پهريون ڀيرو فوجي پريڊ "فدا" ۾ عورتن جي شرڪت

پريڊ ۾ سعودي جي گهرو وزارت جي 16 سيڪيورٽي شعبن جا ميمبر شريڪ ٿيا

پريڊ سعودي رياست قائم ٿيڻ ڪان پوءِ سلامتي جي پيغام طور ڪئي ويندي آهي: عرب ميڊيا

رياض (م د) سعودي عرب ۾ پهريون ڀيرو فوجي پريڊ "فدا" ۾ عورت اهلڪار به شريڪ ٿيون. پريڊ ۾ سعودي جي گهرو وزارت جي 16 سيڪيورٽي شعبن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

موبائل فون نه ڏيڻ تي ٽڪ ٽاڪر پيءُ کي قتل ۽ ماءُ کي زخمي ڪري ڇڏيو

لوئر دير ۾ ٽڪ ٽاڪر نوجوان موبائيل فون نه ڏيڻ تي فائرنگ ڪري پيءُ کي قتل ۽ ماءُ کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو

پيءُ کي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو آهي جڏهن ته سندس والده جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي. جوابدار کي پوليس گرفتار ڪري ورتو: پوليس

نوجوان روزاني جي بنياد تي ٽڪ ٽاڪ وڊيو تيار ڪرڻ جي لاءِ مقامي علائقي ۾ ڀهاڙن تي ويندو هو

لوئر دير (م د) خيبرپختونخواهه جي علائقي لوئر دير ۾ ٽڪ ٽاڪر نوجوان موبائيل فون نه ڏيڻ تي فائرنگ ڪري پيءُ کي قتل ۽ ماءُ کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو. پوليس موجب پيءُ کي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو آهي جڏهن ته سندس والده جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

لوئر دير: موبائيل فون نه ڏيڻ تي پيءُ کي قتل ڪندڙ پٽ، ٻئي پاسي والد جي حياتي جي تصوير

سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر ريحانه لغاري سول اسپتال سجاول جو اوچتو دورو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر ريحانه لغاري سول اسپتال سجاول جو اوچتو دورو ڪيو ۽ اتي موجود مريضن ۽ ڊاڪٽرن کان علاج جي سهولتن، ڊاڪٽرن، طبي عملي ۽ دوائن جي دستيابي سميت ٻين بنيادي سهولتن بابت تفصيلي ڄاڻ ورتي. ان موقعي تي ڊپٽي اسپيڪر ريحانه لغاري مريضن جون شڪايتون به ٻڌيون ۽ غير حاضر ڊاڪٽرن، طبي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

چين ۾ ڪورونا سبب هڪ هفتي دوران 7 ڄڻا فوت

17 کان 23 فيبروري دوران اسپتال ۾ ڪورونا وگهي 7 فوتگيون رپورٽ ٿيون

رپورٽ ٿيندڙ سمورا ڪورونا ڪيس اوميڪرون ويرينيٽ جا آهن: اختياريون

بيجنگ (م د) چين ۾ ڪورونا وگهي فوتگين جو سلسلو رڪجي نه سگهيو موذي وائرس سبب هڪ هفتي دوران 7 ڄڻا فوت ٿي ويا. چيني طبي اختيارين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سجاول: سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر ريحانه لغاري سول اسپتال جي دوري دوران ڳالهائي رهي آهي

سوات ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا

زلزلي جا لوڏا محسوس ڪندي ئي ماڻهو خوف وچان گهرن مان ٻاهر نڪري آيا

زلزلي جي شدت ريڪٽر اسڪيل تي 4.2 رڪارڊ ڪئي وئي

سوات (م د) سوات ۽ ڀرپاسي ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا. زلزلي جا لوڏا محسوس ڪندي ئي ماڻهو خوف وچان گهرن مان ٻاهر نڪري آيا. زلزلي مرڪز موجب زلزلي جي شدت ريڪٽر اسڪيل تي 4.2 رڪارڊ ڪئي وئي. زلزلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڀان سيد آباد: ايس يو پي جو لانگ مارچ ڪراچي روانو رهيو آهي

عمران خان جي جنگهه تي پلاستر بابت پول پڌرا

دي رڪارڊ ڳالهه ٻولهه مان خبر پوي ٿي ته عمران خان جي پيرن جا زخم ٺيڪ ٿي ويا آهن

هن ڊرامي جو بنيادي مقصد عدالت ۾ پيش ٿيڻ کان پاسو ڪرڻ آهي: ذريعن جي دعويٰ

ڪراچي (م د) عمران خان جي جنگهه تي چڙهيل پلاستر بابت پول پڌرا ٿي ويا آهن مختلف وقتن تي پي ٽي آءِ چيئرمين جا انٽرويو وٺندڙ هڪ کان وڌيڪ ملڪي ۽ غير ملڪي صحافين سان ڪيل آف دي رڪارڊ ڳالهه ٻولهه مان خبر پوي ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڄامشورو: اقليتي معاملن وارو صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي جي ايس او ايس وليج جي دوري دوران ڳالهائيندي

پنجاب سرڪار ۽ پي سي بي تڪرار: نجم سيٺي جو وزيراعظم سان رابطو

پي ايس ايل قومي ايونٽ آهي، سڪيورٽي فراهم ڪرڻ ادارن جي ذميواري آهي: نجم سيٺي

وزيراعظم پي سي بي چيئرمين کي مڪمل سهڪار جي خاطري ڪرائي: ذريعا

ڪراچي (م د) پي سي بي چيئرمين نجم سيٺي جو وزيراعظم شهباز شريف سان رابطو. پي سي بي چيئرمين پاڪستان سپر ليگ جي سڪيورٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پي ٽي آءِ ميمبرن جي بحالي جو معاملو، اسپيڪر جو فيصلي کان هٽڻ کان انڪار

تحريڪ انصاف جي جن ميمبرن جو استعيفائون منظور ٿي ويون آهن: ذريعا

استعيفيٰ ڏنل پي ٽي آءِ ميمبرن اسيمبلي ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪئي ته قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي: اختياريون قومي اسيمبلي

لاهور هاءِ ڪورٽ اسپيڪر جي استيفيٰ منظور ڪرڻ واري فيصلي کي معطل ناهي ڪيو

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف جي ميمبرن جي بحالي جي معاملي تي اسپيڪر راجا پرويز اشرف پنهنجي فيصلي کان هٽڻ کان انڪار ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسپيڪر قومي اسيمبلي راجا پرويز اشرف

هاڻ به ٽرمپ کي ماري سليماني جو پلاند وٺڻ چاهيون ٿا: ايراني جنرل

اسان يورپ جو خيال ڪندي ٻه هزار ڪلو ميٽر حد مقرر ڪئي آهي

اميد ڪيون ٿا ته يورپ پاڻ کي ان احترام جي قابل ثابت ڪندو

تهران (م د) ايراني جنرل امير علي حاجي زاده چيو آهي ته هاڻ به ڊونلڊ ٽرمپ کي قتل ڪري پاسداران انقلاب جي اڳوڻي سربراهه قاسم سليماني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

بارکان ۾ ڌماڪو: 4 ڄڻا مارجي ويا، 12 زخمي

ڌماڪو بارکان جي علائقي رکني جي بازار ۾ ٿيو جنهن ۾ 4 ڄڻا مارجي ويا، ڌماڪي ۾ 12 ڄڻا زخمي به ٿيا

ڌماڪي کان پوءِ پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار واقعي واري هنڌ پهچي ويا ۽ شاهدين جمع ڪري جاچ شروع ڪئي وئي

ڌماڪيدار مواد موٽر سائيڪل ۾ لڳل هو، ڌماڪي سبب ڪيترين ئي گاڏين، موٽر سائيڪلن ۽ دڪانن کي به نقصان پهتو آهي: پوليس

ڪوئٽه (م د) بلوچستان جي ضلعي بارکان ۾ ڌماڪي سبب 4 ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته 12 ڄڻا زخمي ٿي پيا. پوليس موجب ڌماڪو بارکان جي علائقي رکني جي بازار ۾ ٿيو جنهن ۾ 4 ڄڻا مارجي ويا. ڌماڪي ۾ 12 ڄڻا زخمي به ٿيا آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪوئيٽا: بارکان ۾ ڌماڪي کان پوءِ ماڻهو واقعي واري هنڌ بيٺل نظر اچي رهيا آهن

بارکان ڌماڪو: وزيراعظم شهباز شريف ۽ صدر عارف علوي جي سخت لفظن ۾ مذمت

اسلام آباد (م د) صدر ڊاڪٽر عارف علوي ۽ وزيراعظم شهباز شريف بارکان جي علائقي رکني بازار ۾ ٿيل ڌماڪي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. وزيراعظم شهباز شريف قيمتي حياتين جي نقصان تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو جڏهن ته مارجي ويلن جي گهر ڀاتين سان همدردي جو اظهار ڪيو. وزيراعظم بلوچستان جي وڏي وزير ۽ آءِ جي کان رپورٽ طلب ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اٽلي ۾ ٻيڙي اونڌي، پاڪستانين سميت 43 ڄڻا ٻڏي فوت

ڪلابريا جي سمنڊ ڪناري کان ڪوٽلي جي ڏکڻ اولهه ۾ مهاجرن جي ٻيڙي جبل سان ٽڪرائجي وئي ۽ زوردار لهرن سبب لڙهي وئي

حادثي جو شڪار ٿيل ٻيڙي ۾ اٽڪل 200 ماڻهو سوار هئا، جڏهن ته مقامي پوليس اهلڪارن موجب اهو انگ 150 ۽ 180 هو

روم (م د) اٽلي ۾ غير قانوني پناهگيرن جي ٻيڙي ٻڏي وڃڻ سبب پاڪستانين سميت 43 ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا. پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽن موجب اٽلي تي ڪلابريا جي سمنڊ ڪناري کان ڪوٽلي جي ڏکڻ اولهه ۾ مهاجرن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

گيانچند ايسراڻي جي ايس او ايس وليج ڄامشورو آمد، اداري جي اقليتي ٻارڙن کي اسڪالرشپ ڏيڻ جو اعلان

وزيراعلا سنڌ جي هدايتن تي صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي ايس او ايس وليج ڄامشورو پهتو

صوبائي وزير پاران ايس او ايس وليج کي زمين جي الاٽمينٽ جو مسئلو حل ڪرائڻ ۽ روڊ جي تعمير جي خاطري

مون کي ايس او ايس وليج ۾ اچي سڪون مليو آهي. گيانچند ايسراڻي

ڪراچي (بيورو رپورٽ): اقليتي معاملن واري صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي چيو آهي ته ايس او ايس وليج کي زمين جي الاٽمينٽ جو مسئلو جلد حل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سنڌين خلاف سازش، اياز لطيف پليجي جو پيپلزپارٽي کان سخت پڇاڻو

ڪراچي (م د) ڊجيٽل آدمشماري بابت سانا پاران آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي ۾ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي جنهن ۾ مختلف سياسي، سماجي، قومپرست تنظيمن، ٽوڙي اديبن ۽ ليکڪن ڊجيٽل آدمشماري کي رد ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم پاران ڪلفٽن ۾ ڪيترن ئي ريسٽورنٽن ۽ بيڪرين تي ڇاپا هنيا ويا

مهم جو مقصد رمضان المبارڪ ۾ معياري کاڌي پيتي جي شين جي دستيابي کي يقيني بڻائڻ آهي

ڊپٽي ڊائريڪٽر سائوٿ ياسين سبزوئي ٽيم سان گڏ مختلف هنڌن جو دورو ڪري شين جي معيار جو جائزو ورتو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ فوڊ اٿارٽي پاران خوراڪ کاتي واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا ۽ ڊائريڪٽر جنرل آغا فخر جي هدايت تي خاص مهم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

نئين سياسي گروپ آزاد گروپ پاران عوام جي حمايت لاءِ شڪريه ساڪرو جلسو منعقد

نوجوان سياسي اڳواڻ ۽ اڳوڻو ٽائون چيئرمن ميرپور ساڪرو اقبال خاصخيلي ڪري رهيو آهي

شڪريو ادا ڪرڻ لاءِ آزاد گروپ جي اڳواڻ اقبال خاصخيلي طرفان شاندار پروگرام منعقد ڪيو ويو

عوام ڪنهن سان گڏ آهي آئون پنهنجي مخالف جو ٿورائتو آهيان، هن مشهور ڪيو: اقبال خاصخيلي

ٺٽو (رپورٽ: جاويد ميمڻ) ضلعي ٺٽي جي سياست ۽ ماضي ۽ طاقتور سياسي گروپ ۽ هاڻي حڪمران ڌر پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيندڙ شيرازي گروپ ڪانپيپلزپارٽي جي ٽڪيٽ مان جنهن جنرل ... آزاد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽو : منعقد جلسي کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

خانپور مهر جي مال پڙي وٽ پوليس تشدد ۾ پورهيت جي ٻانهن ڀڄي پئي، احتجاج

ڳوٺ عالم خان گڏاڻي جي رهواسي پورهيت گڏو ولد هالاڻيندڙ گمبو گڏاڻي احتجاج ڪيو

ايس ايڇ او خانپور مهر ۽ ٻين اهلڪارن بنا جواز ناحق مونکي لنبيون ۽ نوٽشا هٿين تشدد ڪيو: نوجوان

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر جي مال پڙي وٽ پوليس تشدد ۾ پورهيت جي ٻانهن ڀڄي پئي ... ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ... خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٽنڊوباگو ۾ گورنمينٽ رٽائرڊ ملازم ويلفيئر ايسوسيئيشن جي سڏ تي بک هڙتال

مطالبن لاءِ تعلقي ٽنڊي باگي جي ملازمن پريس ڪلب ٽنڊوباگو تي بک هڙتال ڪئي

سنڌ حڪومت ڏي ۽ هن مهانگائي جي دور ۾ پينشنن ۾ پينشن نئين وڌائي وڃي: اڳواڻ

3 ڏينهن سڄي سنڌ ۾ بک هڙتال جي ڪال ڏني آهي جنهن ڪانپوءِ ڪراچيءَ ۾ ڌرڻو هنيو ويندو

ٽنڊوباگو (رپورٽ: سهيل سمون) گورنمينٽ رٽائرڊ ملازم ويلفيئر ايسوسيئيشن سنڌ جي سڏ تي تعلقي ٽنڊي باگي جي ملازمن پريس ڪلب ٽنڊوباگو تي بک هڙتال ڪئي جنهن ۾ ... اسدالله رستماڻي، انور عباسي، عبدالرحيم بڪري، غلام علي خاصخيلي، جاويد اقبال کوراڻي، ڪمال پرڳڙي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٽنڊوباگو: گورنمينٽ رٽائرڊ ملازم ويلفيئر ايسوسيئيشن جي سڏ تي مطالبن جي مڃتا لاءِ بک هڙتال ڪئي وئي

مٽياڻي ۽ نوشهروفيروز پوليس پاران ڳوٺ محمود نانگرج تي چڙهائي، 4 سولر پليٽون هٿ

ڇهن جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪري جوابدارن جا نالا ايف آءِ آر ۾ شامل ڪيا ويا آهن

مرد ۽ عورتن ڏنڊا ڪڻي پوليس سان مزاحمت ڪرڻ تي ڊيوٽي اٽڪا ڪرڻ جو پڻ ڪيس ٿيو

سهولت ڪارن کي پڻ نه بخشو ويندو قائم ڪرڻ پوليس جي فرض ۾ شامل آهي: عملدار

نوشهروفيروز (د ر) مٽياڻي ۽ نوشهروفيروز پوليس اطلاع تي گڏيل ڏينهن ڳوٺ محمود نانگرج تي چڙهائي ڪري چوري جون چار عدد سولر پليٽون هٿ ڪري ورتيون ۽ ڇهن جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪري جوابدارن جا نالا ايف آءِ آر ۾ شامل ڪيا ويا آهن جڏهن ته سهولتڪار ڳوٺاڻي وٽ ڏوهاري موجود هئا ڳوٺاڻن مزاحمت ڪري ڏوهارين کي ڀڄائي ڇڏايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

گهوٽڪي عورت مارچ لاءِ جاڳرتا مهم تيز، سرحد ۾ ساڃاهه وندن سان گڏجاڻي

جوائنٽ ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي سرحد پريس ڪلب ۾ "عورت مارچ" جون تياريون

ڊاڪٽر عائشه ڌاريجو، رئوف پارس دايو، صحافي الهورايو بوزدار، شهري اتحاد سرحد جو چيئرمين پهتا

مذهب مٽائڻ، ريپ، حراسمينٽ، ڪاروڪاري ۽ جبري شاديون ڪرائڻ جا واقع معمول بڻيل آهن: اڳواڻ

سرحد (رپورٽ: غلام عباس مهر) گهوٽڪي عورت مارچ لاءِ جاڳرتا مهم تيز، سرحد ۾ ساڃاهه وندن سان گڏجاڻي، پمفليٽ تقسيم، سرحد واسين پاران ڀرپور شرڪت جي خاطري. تفصيل موجب سرحد ۾ سنڌ سهائي آرگنائيزيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سرحد : جوائنٽ ايڪشن ڪاميٽي جي سڏ تي سرحد پريس ڪلب ۾ "عورت مارچ" جون تياريون جاري آهن

ٽنڊوغلام حيدر ستر موري ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ منشيات خلاف احتجاجي مظاهرو

علائقي ۾ وڏي فيڪٽري قائم پوليس اهلڪار انور ٻبر منشيات فروشن جو سهولتڪار بڻيل

پوليس اهلڪار انور ٻبر لاڳاپيل منشيات فروشن جو وڏي عرصي کان سهولتڪار بڻيل آهي: رهواسي

محبوب حسن ؛ فياض ؛ بشير عباس علي؛ وزيرعلي؛ رشيد احمد؛ ۽ ٻين ميڊيا آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

ٽنڊوغلام حيدر (رپورٽ) ٽنڊوغلام حيدر ستر موري پوليس اهلڪار انور ٻبر جي پاءُ عثمان ٻبر جي گڏيل 8 مهينن کان سنڌس ٿي ڳوٺ ۾ مين پڙي جي وڏي فيڪٽري قائم پوليس اهلڪار انور ٻبر منشيات فروشن جو سهولتڪار بڻيل آهي جڏهن ته زهريلي مين پڙي رڪرو ٿيڻ خلاف مقامي ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو مظاهرين محبوب حسن ؛ فياض ؛ بشير عباس علي؛ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٺٽون ديرو ۾ جماعت غوثيه سهروردي رح جي يونٽن ڪارڪنن پاران ريلي ڪڍي وئي

يونٽن طرفان مخدوم شاه محمود حسين قريشي سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي وئي

ضلعي صدر حسام الدين پٽو،عبدالواحد پٽو،ضمير حسين پٽو،شاد محمود پٽو گشت ڪيو

مرشد ڪريم جڏهن به حڪم ڪندو اسان گرفتاريون ڏيڻ لاءِ تيار آهيون: اڳواڻن جون ڳالهيون

ٺٽون ديرو (رپورٽ:شاد محمود پٽو) جماعت غوثيه سهروردي رح جي مختلف يونٽن ٺٽون ديرو سٽي تعلقه رتوديرو ضلعو لاڙڪاڻو جي مختلف يونٽن طرفان مخدوم سائين شاه محمود حسين قريشي سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي وئي،تفصيلي خبر موجب غوثيه جماعت سهروردي رح جي مختلف يونٽن ٺٽون ديرو سٽي تعلقه رتوديرو ضلعو لاڙڪاڻو ٺٽون ديرو طرفان پي ٽي آءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽون ديرو : جماعت غوثيه سهروردي رح جي يونٽن ڪارڪنن پاران ريلي ڪڍي وئي

آءِ جي سنڌ جي ضلعي ۾ بدامني چورين ۽ منشيات جو آزار وڌي ويو، منٿلي مقرر

ضلع جي اڪثر ٿاڻن تي ڇهن سالن کان مقرر سفارشي ايس ايڇ اوز ۽ وڏن منشين جا جاوا

سفارشي ايس ايڇ اوز ۽ وڏا منشي مقرر هئڻ ڪري بدين پوليس اسٽيٽ ۾ تبديل ٿي ويو آهي

منشيات جهڙوڪ ٺرو،افيم ،چرس ائيس ، سفينا پڙي ۽ گٽڪي جو واهپو عام ٿي چڪو آهي

بدين(رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) آءِ جي سنڌ جو اباڻي ضلعي بدين ۾ بد امني چورين ۽ منشيات جو آزار وڌي ويو پوليس چورن ۽ منشيات فروشن کي پڪڙڻ بجاءِ منشيات جي ڪاروبار ڪرڻ ۾ مصروف بدين جي صدر ٿاڻي ۽ سٽي چيڪ پوسٽ سميت ضلع جي اڪثر ٿاڻن تي ڇهن سالن کان مقرر سفارشي ايس ايڇ اوز ۽ وڏن منشين سميت پوليس عملدارن ٿاڻن کي ڪارو باري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

راڻيپور لڳ درازا شريف ۾ ٻن موٽر سائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر، 5 زخمي

راڻيپور گمبٽ لنڪ روڊ تي ٻن موٽر سائيڪلن ۾ زوردار ٽڪر سبب پنج زخمي ٿيا

راڻيپور واسي محمد اويس انصاري محمد رضا انصاري زخمي ٿي پيو، اسپتال داخل

راڻيپور (رپورٽ) راڻيپور لڳ درازا شريف ۾ ٻن موٽر سائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر ۾ عورتن هڪ ٻارڙي سميت پنج ڄڻا زخمي رپورٽ موجب راڻيپور لڳ سچل سرمست جي نگري درازا شريف ۾ راڻيپور گمبٽ لينڪ روڊ تي ٻن موٽر سائيڪلن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سول سرجن نوشهروفيروز پاران اسپتال خلاف ڪوڙين ۽ من گهڙت خبرن جي مذمت

مريضن کي ماضيءَ جي مقابلي ۾ هن وقت تمام گهڻيون سهولتون ملي رهيون آهن: ايم ايس

اسپتال ۾ پيٿالاجسٽ، نڪ ۽ ڳلي جو ڊاڪٽر، الٽراسائونڊ جو ڊاڪٽر باقاعدي ڪم ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز (د ر) سول سرجن نوشهرو فيروز ڊاڪٽر خادم علي مگريو پنهنجي بيان ۾ اسپتال خلاف هلندڙ ڪوڙين ۽ من گهڙت خبرن هلائڻ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته سول اسپتال ۾ ايندڙ مريضن کي ماضيءَ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهرو فيروز: ايم ايس خادم علي دوري دوران مريضن جو حال احوال وٺي رهيو آهي

غوثپور جماعت اصلاح المسلمين روحاني پاران شجرڪاري ۽ هفته صفائي مهم جاري

ذوالفقارعلي اوڳاهي طاهري استاد عبدالرسول ملڪ ڊاڪٽر اصغر علي محمداڻي شير دل شريڪ

شجرڪاري ۽ هفته صفائي ``ڪئي وئي جنهن ۾ گهرن جي گهٽين ۽ رستن جي صفائي ڪئي وئي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور جماعت اصلاح المسلمين روحاني طلبہ جماعت ۽ انجمن نونهال طاهري برانچ غوثپور طرفان برانچ سرپرست خليفہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مانجهند پرسان گرم پاڻي ۾ سڙيل ٻارڙو زخمن جا تاب نه سهندي فوت

لاڪا شهر ۾ 4 ڏينهن اڳ گرم پاڻي ۾ سڙي زخمي ٿيل ٻارڙو اسپتال ۾ فوت ٿي ويو

3 ورهين جو شايان ملاح اسپتال ۾ زخمن جا تاب نه سهندي فوت ٿي ويو، گهر ۾ ڪهرام

مانجهند (رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) مانجهند پرسان گرم پاڻي ۾ سڙيل ٻارڙو زخمن جا تاب نه سهندي فوت گهر ۾ ڪهرام تفصيل موجب مانجهند پرسان لاڪا شهر ۾ 4 ڏينهن اڳ گرم پاڻي ۾ سڙي زخمي ٿيل ٻارڙو 3 ورهين جو شايان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سجاول ۾ پ پ پ اڳواڻ پروين جمال لغاري پاڪستان تحريڪ انصاف ۾ شموليت ڪري ورتي

پيپلزپارٽيءَ جي اڳوڻي اميدوار طور چونڊ وڙهندڙ پروين جمال لغاري ۾ شوليت ڪري ورتي

حاجي خارند بخش ضلعي سجاول جو صدر عبدالرحمان ملاح سوڍو ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا

سجاول (د ر) سجاول ضلعي سان تعلق رکندڙ پيپلز پارٽيءَ جي خاتون اڳواڻ پروين جمال لغاري ٻ ب سان ورهين کان جاري رهندڙ وابستگين وارا رستا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سجاول :پ پ پ اڳواڻ پروين جمال لغاري پاڪستان تحريڪ انصاف ۾ شموليت ڪري ورتي

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان بئنچ 2001ع جي شاگردن جي گڏجاڻي

بيئچ جي پراڻن شاگردن جي محمد رفيق سهتو جي ميزباني هيٺ رهائشگاهه تي گڏجاڻي ٿي

ماحول کي ياد ڪندي پراڻيون يادون تازه ڪيون ويون ۽ ٽهڪن سان محفل کي خوبصورت بڻايو ويو

سيٺارجا (رپورٽ:الطاف حسين پٽو) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان 2001 ۾ هڪ ٿي بيئچ جي پراڻن شاگردن جي محمد رفيق سهتو جي ميزباني هيٺ رهائشگاهه تي گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ ان وقت يونيورسٽي ۾ گڏ پڙهندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سيٺارجا : شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان بئنچ 2001ع جي شاگردن جي گڏجاڻي ٿي گذري

پريارود ۾ ريلوي پوليس جي ڪارروائي، ڪنڌڪروهه عورت سميت 3 ڄڻا گرفتار

پڊعيدن ريلوي اسٽيشنن تان ريل ۾ سفر ڪندڙ مسافرن ڪان ڦرلٽ جو ڪيس داخل ڪيو ويو

هڪ عورت مسمات رخسانه، شهباز علي، اسرار علي کي گرفتار ڪري ورتو آهي: پوليس

نوشهرو فيروز(رپورٽ:منظور ملڪ) پريا روڊ ۾ ريلوي پوليس جي ڪارروائي ٽرين اندر مسافرن کان ڦرلٽ ڪندڙ گروهه عورت سميت 3 ڄڻا گرفتار ڪيس داخل. خبر موجب پريا روڊ ريلوي اسٽيشن سميت پڊعيدن ريلوي اسٽيشنن تان ريل ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ميرپور ماٿيلو ۾ غلام نبي وسير کي قتل ڪرڻ واري واقعي خلاف پ پ جو احتجاج

پيپلز پارٽي جي اڳواڻن پ پ پ ڊپٽي اطلاعات سيڪريٽري عبدالمجيد لاکو پاران ريلي

صدام ملڪ،رياض ميراڻي،عبدالغني لاکو،عاطف شاهه،احمد ڇڇڻ پاران مظاهرو ڪيو ويو

گهوٽڪي (رپورٽ:لالچند موتواڻي) ميرپور ماٿيلو ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ پ پ پ اڳواڻ غلام نبي وسير کي قتل ڪرڻ واري واقعي خلاف گهوٽڪي ۾ پ پ پ ڊپٽي اطلاعات سيڪريٽري عبدالمجيد لاکو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

گهوٽڪي : غلام نبي وسير کي قتل ڪرڻ واري واقعي خلاف پ پ اڳواڻن پاران احتجاج ڪيو ويو

ٿرپارڪر جي نون ڀرتي ٿيل پرائمري استادن پاران پگهارون جاري نه ٿيڻ خلاف احتجاج

احتجاج جي شروعات حميد پارڪ کان پريس ڪلب ۽ الله ولا چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو

عبدالڪريم نهڙيو، نادر علي خان امين بجير معشوق بجير، مرتضي بجير پاران ريلي

اسان گذريل 9 مهينن کان استاد جهڙي عظيم پيشي سان منسلڪ رهيا آهيون: اڳواڻ

مٺي (رپورٽ) (آئي بي اي) ٿرپارڪر جي نون ڀرتي ٿيل پرائمري استادن پاران پگهارون جاري نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو احتجاج جي شروعات حميد پارڪ کان پريس ڪلب ۽ الله ولا چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو ميڊيا سان ڳالهائيندي استاد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

مٺي : ٿرپارڪر جي نون ڀرتي ٿيل پرائمري استادن پاران پگهارون جاري نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

مڪلي بخاري چوڪ تي مندر موڙ وٽ تيزرفتار گاڏي ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر

مڪلي جو رهواسي موٽرسائيڪل سوار نوجوان مراد پناڻ موقعي تي فوت ٿي ويو

فوتي جو لاش پوليس ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو، گهر ۾ ڪهرام

ٺٽو(د ر) مڪلي بخاري چوڪ تي مندر موڙ وٽ تيز رفتار گاڏي موٽرسائيڪل کي زوردار ٽڪر هڻي ڪڍيو، جنهن جي نتيجي ۾ مڪلي جو رهواسي موٽر سائيڪل سوار نوجوان مراد پناڻ موقعي تي فوت ٿي ويو، جڏهن ته ٻيو نوجوان احمد سخت زخمي ٿي پيو، فوتي جو لاش ۽ زخمي کي سول اسپتال مڪلي پهچايو ويو، جتان فوتي نوجوان جو لاش پوليس ضروري ڪاروائي بعد وارثن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

اسان رٽائرڊ سرڪاري ملازمن کي پنهنجا حق ڏنا وڃن: گهوٽڪي ۾ ملازمن پاران احتجاج جاري

عهديدارن پريس ڪلب ميرپور ماٿيلو جي اڳيان ٽن ڏينهن جي بک هڙتال جي پهرين ڏينهن مظاهرو ڪيو

رٽائرڊ ملازمن وانگر اسان سنڌ جي رٽائرڊ ملازمن کي به گروپ انشورنس، بينيوئل فنڊ جا حق ڏنا وڃن: مظاهرين

پليٽ فارم تان هي بک هڙتال ۽ مطالبو ٿا ڪريون ته اسان حڪومت سنڌ پنهنجا حق بنا دير جي ڏنا وڃن: ڳالهيون

گهوٽڪي (رپورٽ:لالچند موتواڻي)اسان رٽائرڊ سرڪاري ملازمن کي پنهنجا حق ڏنا وڃن اها ڳالهه گورنمينٽ رٽائرڊ ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئيشن سنڌ ضلعي گهوٽڪي جي عهديدارن پريس ڪلب ميرپور ماٿيلو جي اڳيان ٽن ڏينهن جي بک هڙتال جي پهرين ڏينهن صحافين سان ڳالهائيندي ڪئي انهن چيو ته ٻين صوبائي رٽائرڊ ملازمن وانگر اسان سنڌ جي رٽائرڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

گهوٽڪي : گهوٽڪي ۾ سرڪاري ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو ويو

آءِ بي اي يونيورسٽي سکر جي نگراني ۾ هلندڙ هاءِ اسڪول ڪيهر ۾ ايگزيبيشن منعقد

ڪميونٽي ڪاليجز اينڊ اسڪول نور حسين شر ۽ ڊي او سيڪنڊري لاڙڪاڻو اختر ڪوريجو جي شرڪت

مئنيجر اعجاز چانڊيو، ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر محمد شريف شيخ، مهجبين پٽو، زمرد پٽو ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

سائنس ايگزيبيشن ڪرائڻ سان اسان جي شاگردن جا سائنسدان طور ڪم ڪرڻ لاءِ حوصلا بلند ٿيا آهن: منتظمين

ٺٽون ديرو(رپورٽ:شاد محمود پٽو) آءِ بي اي يونيورسٽي سکر جي نگراني ۾ هلندڙ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ڪيهر ۾ وڏو سائنس ايگزيبيشن منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي 35 پرائمري، سيڪنڊري ۽ هاير سيڪنڊري اسڪولن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين حصو ورتو سائنس ايگزيبيشن جو افتتاح ڊائريڪٽر آءِ بي اي ڪميونٽي ڪاليجز اينڊ اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڪوٽڙي ڪبير پرسان ڳوٺ حاجي جمال دين ٽيٻو جي رهواسين پاران بااثر خلاف احتجاج

اربيلو ٽيٻو-احسان علي ٽيٻو - وقار ٽيٻو -هالار ٽيٻو ۽ ٻين پاران پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو ويو

رياض سهتو سيد عمر شاهه جي روضي جو تعميراتي ڪم ۽ مسجد جو ڪم بند ڪرائي ڇڏيو آهي:الزام

علائقي جا بااثر مذهبي خوني جهيڙو ڪرائڻ چاهي ٿو اسان امن پسند ڳوٺاڻا آهيون، نوٽيس ورتو وڃي: ڳالهيون

محرابپور (رپورٽ:مجاهد علي سامٽيو) ڪوٽڙي ڪبير پرسان ڳوٺ حاجي جمال دين ٽيٻو جي رهواسين بااثر جي ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعري بازي ڪئي مظاهري جي اڳواڻي اربيلو ٽيٻو احسان علي ٽيٻو وقار ٽيٻو هالار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

محرابپور : ڳوٺ حاجي جمال دين ٽيٻو جي رهواسين پاران بااثر خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور ناٿن شاهه ۾ پي ايس ٽي پاس استادن پاران پگهارون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

پلي ڪارڊ کڻي وين اسٽاپ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڏهن مهينن کان پگهارون نه ملڻ واري عمل خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي ريلي ڪڍي گشت ڪيو ويو

ٻچن جي مٿان رحم ڪيو وڃي ڏهن مهينن جون پگهارون فوري طور ڏنيون وڃن: اڳواڻن جون ميڊيا سان ڳالهيون

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ:برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ۾ پي ايس ٽي پاس استادن پاران ڏهه مهينن کان پگهارون نه ملڻ خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي وين اسٽاپ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، خبر موجب: خيرپور ناٿن شاهه ۾ پي ايس ٽي پاس استادن کي گذريل ڏهن مهينن کان پگهارون نه ملڻ واري عمل خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز ۾ فتح محمد لنجار جو ڪيتي اندر قتل ٿيل ڪيس ۾ اڳيرائي، گهرن تي چڙهائي

پوليس پاران چانڊيا ۽ لنجار برادري جي گهرن مٿان چادر ۽ چوديواري جو تقدس پئمال ڪيو ويو

انساني حقن جي لتاڙ ڪري قانون ۽ آئين جو ڏجون اڏائيندي بنا سرچ وارنٽ ۽ بنا ليڊي پوليس ڪارروائي

سمورا قانوني ادارا ملڪ پاڪستان ۽ قانون جا واڳ ڌڻي واقعي جو نوٽيس وٺي اسان سان انصاف ڪن: متاثرين

نوشهرو فيروز (د ر) ڪجهه ڏينهن اڳ فتح محمد لنجار جو ڪيتي اندر قتل ٿيل ڪيس ۾ دادو پوليس جي مورو لڳ چودڳي ڳوٺ ابراهيم چانڊيو ۾ رات دير سان اوچتو جو فائدو وٺندي پوليس جي چانڊيا ۽ لنجار برادري جي گهرن مٿان چڙهائي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پئمال0 تفصيلي خبر موجب مورو لڳ ڳوٺ ابراهيم چانڊيو ۾ دادو پوليس سياسي بااثرن جي ونگار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

نوشهرو فيروز: رهواسي متاثرين مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين ۾ سرڪاري کاتن جي رٽائرڊ ملازمن جي تنظيم رٽائرڊ ايمپلائيز ويلفيئر پاران احتجاجي مظاهرو

مڃتا لاءِ بدين پريس ڪلب جي آڳيان احتجاجي بک هڙتالي ڪئمپ قائم ڪري علامتي بک هڙتال

جيوت رام سانگهاڻي مير بهادر ٽالپر اشرف عبدالله ميمڻ جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو، شديد نعريبازي

حڪومت رٽائرڊ ملازمن کي سهوليتون ڏيڻ جي بدران ڪٽوتيون ڪري ظلم ۽ ناانصافي ڪري رهي آهي:اڳواڻ

بدين (رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) سرڪاري کاتن جي رٽائرڊ ملازمن جي تنظيم رٽائرڊ ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئيشن طرفان مطالبن جي مڃتا لاءِ بدين پريس ڪلب جي آڳيان احتجاجي بک هڙتالي ڪئمپ قائم ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي وئي هن موقعي تي اڳواڻن جيوت رام سانگهاڻي مير بهادر ٽالپر اشرف عبدالله ميمڻ عبدالقادر چانڊيو محرم ٻتاڻي نظير خاصخيلي يعقوب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 27 فيبروري 2023ع

صوفِي لاڪوفِي، ڪوڻ پائيس ڪيرُ:
منجهيان ئِي مَنجِهِ وڙهي، پڌر ناهِس پيرُ:
جنين ساڻس ويرُ، تَئي تنين جو واهَرُو

نواز، زرداري يا عمران، پلو مسافر ڪير آهي؟

نعيم مسعود

ڪي ماڻهو اهڙا به هوندا آهن جن کي سفر ۾ منزل کان وڌيڪ دلڪش نظر ايندو آهي. سفر ۾ اٿڻ ويهڻ به فطري ڳالهه آهي، پر ان ڳالهه جي ڪهڙي گارنٽي آهي ته منزل کان پوءِ سفر نه ٿيندو؟ سفر ۽ وقت نه ٿا رڪجن، نه دل ۾ نه ڌرتيءَ تي! زانو حقيقت ۾ تبديل ٿي رهيو آهي. اهو به تيزيءَ سان. پر اهو ڏسڻو آهي ته اهو بهتر لاءِ آهي يا بدتر لاءِ. سڀ ڪجهه پنهنجي جاءِ تي، پر ڪو آهي جيڪو انتظاميه، مقننه ۽ عدليه کي ٻڌائي ته توهان سڀني جو پنهنجو پنهنجو نصاب آهي، پنهنجا پنهنجا امتحان آهن ۽ پنهنجون پنهنجون حدون آهن. تنهنڪري "لميٽيشن آرڊيننس" جو تصور ٿي پهريون ڪرسي لاءِ پيار جو ثبوت آهي.. فصاحت ۽ بلاغت جا ٺيڪيدار ۽ هنرمند جن کي پنهنجي مهارت سان ڪير جو ڪير ۽ پاٽي جو پاٽي ڪرڻو پوندو هو، اهي ملڪيتن جي خوشيءَ تي هليا ويا ۽ چوٿون ٿلهو نهرايو ۽ اڄ به مؤذن رياست جو چوٿون ستون سڃڻ جي جستجو ۾ آهي. بلڪه عزت جي منزل ملي، هضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. تڏهن ته فقير چوندو آهي ته. سفر جي آسودگيءَ سان مزو وٺو، منزلون تنهنجي قدمن کي چميندي رهنديون. جيڪڏهن توهان کي ڪا منزل پسند آهي ته توهان کي ان جي عادت پئجي ويندي، لت هڪ رڪاوٽ آهي ۽ سفر رڪاوٽن کي هٽائڻ جو هڪ منفرد فن آهي! فقير کان ڪنهن پڇيو ته توهان کي سياستدان بيوروڪريٽس، ٽيڪنوڪريٽ، جنرلن ۽ ججن کان وڌيڪ ڇو پسند آهن؟ هن چيو ته سياستدان ڪڏهن به رٽائر نه ٿيندو آهي. هن جي جاءِ تي ڪو به "ر" لاحقو نه لڳڻ سبب "گرهڻ" لڳي ٿو. پوءِ سياستدان اهو آهي جيڪو خدا جي بادشاهت ۾ احتساب جي آڌار تي سفر ڪري. هر قسم جو احتساب سياستدان کي ڦاسائي ٿو ۽ چيڪ ڪري ٿو ته ڪٿي هو رٽائر نه ٿيو آهي. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ به ماڻهو رٽائر ٿي ويندا آهن. يعني جمود جو شڪار ٿي ويندا آهن. پر سياستدان جيت يا هاري، هو ڪڏهن به رٽائر نه ٿيندا آهن. جمود جو شڪار نه هوندا آهن. اهو جمود موت آهي. اهو سياستدان ڇا ڪيو. جنهن جا قدم ان دانشور وانگر روڪيا. جن پنهنجي ذهن کي روڪي ڇڏيو! اهي سياستدان جيڪي سمجهن ٿا ته ڪا عدالت يا اسٽيبلشمينٽ ڪين حڪومت ڏئي ڇڏيندي، اهي ڪنهن حد تائين سياستدان ته ٿي سگهن ٿا پر قيادت نه. قيادت عذابن، خوابن ۽ برائين مان حقيقت ۽ انسان دوستي جو رستو ڳولهي ٿي ۽ ڪڏهن به هڪ لمحي لاءِ به سياستدان جي روايت کان نه هٽي ٿي، ضرورتمندن کان نظرياتي تشريحون پڇڻ توهان کي فقير نه پر فقير بڻائي سگهي ٿو. آصف علي زرداري جي مفاهمتي، نواز شريف جي تعميري سوچ، ذوالفقار علي ڀٽي جي پرڏيهي پاليسي جي سمجهه ۽ قائداعظم محمد علي جناح جو عزم ئي اڄ جي قيادت جو زيور ۽ لباس ٿي سگهي ٿو ها. سمارٽنس عمران خان جي اهم آهي ججن ۽ جنرلن تي ڪيستائين اعتبار ڪندا. پنهنجي محنت ۽ ڪوشش کان سواءِ. توهان کي عاجز رهڻو پوندو. جيتري قدر ملڪي معيشت جو تعلق آهي، جيڪڏهن عوام "مقبول" فيصلن مان نڪرندي انتظاميه کي گهربل رستي تي گامزن ڪندي نظر اچي ته پوءِ آصف علي زرداريءَ کي حفيظ شيخ جي دور ۾ معلوم ٿيو ته دهشتگردي، مهانگو پيٽرول ۽ ڊالر جي اوڳاڙي ۾ ڪا به رڪاوٽ نه آئي. پاڪستان جنهن ۾ وارداتون گهٽ ٿيڻ گهرجن، عالمن کي ياد هوندو ته زرداري حڪومت کي ادارا نفعي ۾ ڇڏيا. پر ان وقت کان وٺي، ترقي جي شرح ڊيکارڻ جي چڪر ۾، اسان ترقي ڊيکاريا آهن، پر "مشهور" نه بلڪه پائيدار ۽ مستقل ۽ مستقل هئي. ان کان پوءِ برآمدات انهن جي مقدار جي پيٽ ۾ وارداتن تي وڌيڪ انحصار ڪندي نظر اچن ٿيون. جيڪڏهن اهو فارمولو جاري هجي ها ته 2013ع کان پوءِ به 20 سالن تائين ايڪسپورٽ جو مزو ماڻي سگهي ها، پر اسان معيشت ۾ عطر ڪاٽڻ ۽ ڊيڪاءِ جو رستو نه ٿا ڇڏيون. اڄ اسان معزز ججن کان جيڪي چوندون، جمهوريت ۽ پارلياماني استحڪام جو مطالبو ڪري رهيا آهيون. جيڪڏهن اهي جناب زرداري جي مشوري تي عمل ڪري پاناما ڪيس جو حل پارليامينٽ کان گهرن ها ته پارليامينٽ جي ميمبرن جي توهين نه ٿئي ها. جي مقصد کان به وڌيڪ ڏکيو آهي. ۽ اهو غلط ناهي ته ٻنهي مقصدن کي حاصل ڪرڻ ممڪن ناهي، چاڪاڻ ته ڪنهن به معيشت يا جمهوريت جي منزلن هيٺان ارتقا جا ڦيٿا هوندا آهن. ته جيئن ئي توهان منزل تي قدم رکون ٿا ته اهي ڦڙا حرڪت ۾ اچي وڃن ٿا. هتي وري هڪ نئين سفر لاءِ تياري ڪرڻ ضروري ٿي پوي ٿي، هتي ٻيهر هڪ نئين سفر لاءِ تيار ڪرڻ ضروري آهي جيستائين مئلن جي چوڌاري ويڙهيل بسترو ڪوليو وڃي. تيستائين سياستدان يا قيادت کي پنهنجي منزل ارتقائي تحريڪ ۾ ڳولڻ گهرجي نه ته اسٽيبلشمينٽ جي "برڪت" ۾! جيڪڏهن سيني هنڌن ۽ روايتن ۾ مضبوط پائيچاري جو رواج آهي، جيڪي هڪ ٻئي جي جائز ۽ ناجائز مدد ڪن ٿا. ته پوءِ اهڙي سياست ۽ سادگيءَ جا مسافر جمهوريت جا انساني حقن جا ترجمان

چونتا ٿين؟ جيڪڏهن اڄ سياستدان پاڻ کي آئين جي ڪنڌ ۾ وٺي وڃن ته پوءِ ڪين اهو شرڪ ڪڏهن به استعمال نه ڪرڻو پوندو. جيڪو ڪين ٻين جي درگاهن تي جهڪڻ تي مجبور ڪري ٿو! نرگسيت يا اپوزيشن يا غير ضروري توهين کان سواءِ، جمهوريت جي هن سفر ۾ جيڪڏهن عمران خان ۽ نواز زرداري گڏجي سفر ڪن ته تمام گهڻو فائدو حاصل ڪرڻ ممڪن آهي. جمهوريت بذات خود هڪ ڪرشمو آهي. جيڪا انساني حقن جي حفاظت ڪري ٿي! ان ڪري سياستدانن کي پاڻ سنڀالڻ ۽ سنڀالڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ نظرياتي ضرورتن جي زور تي غالب ٿي ويندا. اداري جي ايڊيٽوريل پاليسي لازمي طور تي هن مضمون جي مواد سان متفق هجڻ ضروري ناهي.

******

نئون سماجي معاهدو ئي وفاق کي هلائي سگهي ٿو

سنڌ جي سياسي سماجي اڳواڻن ۽ ليکڪن نئين سماجي معاهدي جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته سنڌ خلاف منظم سازش ٿي رهي آهي ۽ وفاق ٽٽڻ جي صورت ۾ سڀني کان وڌيڪ نقصان سنڌ کي رسندو هنن اهو به مطالبو ڪيو ته سنڌ دوست اڳواڻن کي ايوانن تائين پهچائڻ گهرجي، جيئن اهي سنڌ جي ماڻهن جو حقيقي ڪيس پيش ڪري سگهن. اهي اڳواڻ جمعي واري ڏينهن سپرهاءِ وي حيدرآباد ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي پروگرام يوم مادر وطن کي خطاب ڪري رهيا هئا. سنڌي ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻ قادر مگسي چيو آهي ته ملڪ کي سڌي رستي تي آڻڻ جي لاءِ سنڌين، بلوچن ۽ پشتونن سان نئون سماجي معاهدو ڪرڻو پوندو. ان سان ئي ملڪ سڌي رستي تي اچي سگهندو. هو جمعي واري ڏينهن حيدرآباد ۾ سپرهاءِ وي تي يوم مادر وطن جي وڏي تقريب کي خطاب ڪري رهيو هو. سندس هي ڳالهه هڪ وقت کان ڪيترائي ئي اڪابر ڪندا آچن ٿا. جيڪڏهن تاريخي پس منظر ۾ ڏسبو ته پاڪستان هڪ گهڻ قومي ملڪ آهي. ان جي وجود وقت وفاق ۾ شامل ايڪائين سان اهو طئي ڪيو ويو هو ته انهن کي خودمختياري ڏني ويندي پر نئين ملڪ جي وجود سان ئي ان جي اختيارن تي ٽيل چڪتاڻ بعد عالمي سامراج جي آشيرواد سان انگريزن جي نوڪرشاهي جي باقيات اقتدار تي قبضو ڪري ورتو جنهن ڪري ملڪ جا اصل مسئلا وقت سان گڏ پوئتي ڌڪبا رهيا ۽ هاڻي هڪ بحران جي وري چڙهي ويو آهي، جنهن ڪري نت نوان مسئلا سامهون اچي رهيا آهن. گذريل مهيني ڪوئيٽا ۾ ٿيل قومي ڊائلاگ تقريب ۾ شريڪ سياستدانن ٻڻ ساڳي ڳالهه ڪئي هئي. جن جا لفظ ته ٻيا هئا پر معنيٰ ۽ مقصد ڪجهه هن ريت هو ته ملڪ ۾ هڪ نئين سوشل ڪانٽريڪٽ جي اشد ضرورت آهي. عوام ۽ سياستدانن وچ ۾ وڇوٽي وڌي وئي آهي. ملڪ سياسي ۽ معاشي طور تي بحرانن جي ور چڙهيل آهي. جنهن جو اهم سبب آئين جي روح تي عمل نه ٿيڻ کي قرار ڏنو ويو هو.

ڊاڪٽر قادر مگسي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته جيڪڏهن وفاق ٽٽندو ته پنجاب، بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي کي ڪو خطرو ناهي، پر سڀ کان وڌيڪ نقصان سنڌ جو ٿيندو. چو ته سنڌ ۾ ملڪ جي ٻين صوبن جا تمام گهڻا ماڻهو رهن ٿا. اهڙي امڪاني صورتحال ۾ ته پ پ وارا عالمي آقائن سان اهو معاهدو ڪري وٺندا ته اسان کي 5 يا 6 ضلعن جي سنڌ ناهي ڏيو ٻئي طرف مهاجر ديش ناهڻ جي سازش ٿي رهي آهي، باقي وڃي به ٿي ضلعا بچندا. ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻ جو چوڻ هو ته عمران خان اڳ ئي چئي چڪو آهي ته مونکي اقتدار نه ڏنو ويو ته پاڪستان ٽي ٽڪرا ٿي ويندو. هن پ پ تي سخت تنقيد ڪندي چيو ته اها سنڌ ڌارين کي ڏيڻ جي لاءِ تيار ٿي آهي پر اسان پنهنجي وطن جي بقاءِ ۽ خوشحالي جي رت جو هر ڦڙو قربان ڪنداسين. هن چيو ته سنڌ، بلوچستان ۽ پشتونن جي اڳواڻن کي قيد ڪيو ويو جڏهن ته شيخ مجيب کي غدار قرار ڏنو ويو پر انهن تي ڪو به ڪيس ثابت نه ڪري سگهيا. هن چيو ته سنڌ جي ماڻهن ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ 10 هزار ماڻهن جي قرباني ڏني، انهن جو نعرو پاڪستان ٽوڙڻ نه پر پارليامينٽ جي مضبوطي ۽ جمهوريت زنده باد هو. سنڌ جي نوجوانن جا چچريل لاش گهرن ۾ پهچي چڪا آهن. هن چيو ته اوهان جنرل باجوا ۽ جنرل فيض کي ڪٽهڙي ۾ ڇو نٿا بيهاريو؟ هن چيو ته 75 سالن دوران جن ماڻهن جا توهان قرض معاف ڪيا آهن انهن مان رڳو ملڪ رياض، عليم خان، جهانگير ترين جهڙين 10 هزار ماڻهن کان قرض واپس ونجي ته ملڪ تان قرض لاهي سگهو ٿا.

ناميارن ليکڪا نور الهديٰ شاهه به تقريب کي خطاب ڪيو، سندس چوڻ هو ته سنڌ هن وقت ڏکئي وقت مان گذري رهي آهي، ان مان سنڌ کي ڪيڻ جا اڄ واعدا ڪريون. سنڌي ٻوڙ جي پاڻي مٿان ويهي ننڍڙڪا ٿي مري رهيا آهن. آدمشماري ۾ سنڌ جي ماڻهن کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش ٿي رهي آهي. ماضيءَ ۾ سنڌين جي شهرن تي قبضا ڪرڻ جي لاءِ سنڌين کي لڏايو ويو قبرستانن تي قبضا ڪيا ويا. هن زور ڏنو ته سنڌ دوستن کي ايوانن ۾ موڪليو وڃي، جيئن اهي سنڌ جي ماڻهن جو ڪيس ايوانن ۾ وڙهن. ٻي صورت زمين اسان جي پيرن هيٺان نڪري ويندي.

سماجي اڳواڻ ۽ ليکڪ ذوالفقار هاليپوٽي جو چوڻ هو ته قومي اسيمبلي ۾ نون صوبن تي بحث جي بل تي ڪو به اعتراض نه ڪري، پ پ سان واڳيل ميمبر اهو به بل پيش ڪيو ته سنڌ ۾ رهندڙ غير قانوني ڌارين کي 6 مهينن ۾ هتان جي شهريت ڏني ڇڏيو هن چيو ته ڊجيٽل آدمشماري ٿي رهي آهي، جنهن تي سنڌ جا ڪيترائي خدشا آهن. سنڌ اسيمبلي پنهنجو اختيار قومي اسيمبلي کي ڏئي رهي آهي، انهن سمورن واقعن مان اندازو لڳي ٿو ته سنڌ جي وحدت ۽ وجود جي لاءِ ڪيترا وڏا خطرا پيدا ٿي رهيا آهن. قانونسازي جي ذريعي سنڌ کي ڪمزور ڪري قبضي ۾ رکڻ جي ڪوشش پئي ٿئي ۽ پيپلزپارٽي ان ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهي. ناميارن ليکڪ انعام شيخ جو چوڻ هو ته سنڌ جي ماڻهن کي سنڌ جو آواز اسيمبلين تائين پهچائڻو پوندو. جيئن سنڌ جي ڦرلٽ ۽ استحصال کي ٻنجو ملي سگهي، سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن تي والار ٿي رهي آهي.

سنڌ جي اڳواڻن جي جو آواز ڪنهن به طرح ڪو انوکو ناهي، هن وقت جيڪا صورتحال نظر اچي رهي آهي، ان مان اهو چٽو ڏسڻ ۾ اچي پيو ته سنڌ سان هر سطح تي استحصال ٿي رهيو آهي، سنڌ جي حقن کي ڦريو ويو آهي، سنڌ جي آواز کي دٻايو ويو آهي ۽ هاڻي واري هڪ نئين طريقي سان قانوني ڪوڙڪي تيار ڪري سنڌ کي چوطرفو قابو ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. اهڙين حالتن ۾ هنن اڳواڻن جو مطالبو گهڻي اهميت رکي ٿو ته وس وارا وفاق ۾ شامل سمورين قومن سان هڪ نئون سماجي معاهدو ڪن، جنهن ۾ هر قوم جا حق نه رڳو لکيا وڃن پر ان تي مڪمل عمل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ايندڙ وقت هر ڌر جي لاءِ وڏو امتحان ثابت ٿيندو.

ملڪ جا گهوٽالا ۽ بحالي وارا آئيني حل

عامر خان مهيسر

سنڌ جي تعليم جو جيڪڏهن ڪجي ته معلوم ٿيندو ته سموري سنڌ جهالت جي اونداهين ۾ جڪڙيل آهي ۽ جيڪڏهن ڪٿي تعليم آهي به ته اتي سهولتن جي کوٽ آهي جنهن جو ننڍڙو مثال ضلعي خيرپور ميرس جي تعلقي ڪوٽڏيجي جي بوائز پرائمري اسڪول غوث بخش چامڙو ۾ بنيادي سهولتون نه هئڻ ڪري سنڌ جي مستقبل جا گل معمار ڪچيءَ جي ٽُڙَ کي فرنيچر جي جڳهه تي استعمال ڪري ويهي تعليم پرائي رهيا آهن. هن اسڪول ۾ داخل شاگردن ۽ شاگرديائين جو تعداد 70 آهي ۽ هن اسڪول ۾ موجود به استاد آهن جنهن ۾ هيڊماستر شعبان علي شيخ ۽ استاد مختيار حسين چامڙو آهن. خوشحال سنڌ. امير سنڌ جا گلن جهڙا معصوم ٻارڙا اهڙي ڊجيٽل دور ۾ به غريبي ۽ مسڪيني واري انداز ۾ تعليم پرائي رهيا آهن.

تعليم جو وزير سيد سردار شاهه دعوائون ته وڏيون وڏيون ٿو ڪري پر سنڌ جي ٻهراڙين جي اسڪولن جو حال اِهو آهي جو ٻارن کي ويهڻ لاءِ فرنيچر ناهي ته ڪٿي وري اسڪول جي بلڊنگ عاليشان آهي پر سياسي اثر جي ڪري استاد اسڪول نه ٿا وڃن ته ڪٿي وري صرف فرنيچر آهي ۽ بلڊنگ ناهي جيڪڏهن بلڊنگ آهي ته اڻ پوري آهي پيئڻ جي مٺي پاڻي جي سهولت ناهي. واش رومن جي کوٽ آهي، ٻارن کي سرڪاري ڪتاب اڻ پورا ملي رهيا آهن اڌ ٻارن کي ڪتاب ملن ٿا ته اڌ کي نه ٿا ملن.

هاڻي سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي ته تعليم لاءِ هر سال ايتري بجيٽ رکي وڃي ٿي اها ڪٿي ۽ ڪيئن خرچ ڪئي پئي وڃي جو سنڌ جي اسڪولن جو حال اِهو آهي ۽ ٻار بنيادي سهولتن کان محروم آهن. سنڌ جي ٻهراڙي جي تعليم ڀريان ئي پوئتي پيل هئي پر گذريل برساتون پوڻ ڪانپوءِ اسڪول زبون حالي جو ڏيک ڏيڻ لڳا آهن ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ ٻهراڙين جي اسڪولن ۾ اڃان برساتي پاڻي بيٺو آهي جيڪو نيڪال ناهي ٿي سگهيو جنهن جي ڪري سنڌ جي مستقبل جو روشن ڏيئو اونداهي طرف وڃي رهيو آهي پر ڪنهن کي به ڪا پرواهه ناهي.

سڌريل سماج پنهنجي ملڪن جي تعليم بابت ڳوڙهو اڀياس ڪري آئيندي جا منصوبا ٺاهيندا آهن ۽ بعد ۾ انهن جا نسل انهن منصوبن تي هلندي ڪاميابي جا اُهي ڏاڪا طئي ڪندا آهن جو پوري دنيا سندن ڪاميابي اڳيان سجده ريز ٿي وڃي ٿي. دنيا ۾ اهڙا ڪيئي ملڪ موجود آهن جيڪي تمام ٿوري وقت ۾ تعليم ذريعي ترقي ڪري سموري دنيا لاءِ مثال بڻيا آهن اهڙن ملڪن نه صرف تعليم بابت سنجيدگي اختيار ڪئي پر ٻين قومن جي تجربن مان پڻ سبق حاصل ڪري اهڙيون ته بهترين پاليسيون ٺاهيون جو اُهي انهن جي ترقيءَ جون ضامن بڻجي ويون. انهن قومن ٻين سيني قومن کي سيکاريو آهي ته جيڪڏهن ترقي ڪرڻي آهي ته تعليم جي هر پهلو بابت غور ۽ فڪر ڪرڻو پوندو ۽ ٻين جن قومن انهن جي تجربن مان فائدو حاصل ڪيو آهي قومون پڻ اڄ ڳاٽ اوچو ڪري جي رهيون آهن.

تعليم واري وزير سيد سردار شاهه ۽ سيڪريٽري تعليم اڪبر لغاري ۽ غوث بخش ناريجو کان بوائز پرائمري اسڪول غوث بخش چامڙو جا معصوم گلن جهڙا ٻارڙا مطالبو ٿا ڪن ته فوري طور تي هنن جي دانهن ورنائي بوائز پرائمري اسڪول غوث بخش چامڙو ۾ فرنيچر جي کوٽ سميت سمورين بنيادي سهولتون مهيا ڪري ٻارڙن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 01

